احمد سومرو
ليڪچرار،
سنڌ مسلم آرٽس/ڪامرس ڪاليج، ڪراچي

# سومرا دور ۾ سنڌي شاعري

# THE STATUS OF SINDHI POETRY IN SOOMRA ERA

## Abstract

Soomra rule in the history of Sindh is known to be initial and basic significance. After decline of Arabs, Soomras were the first local rulers of Sindh. This was the period of initial development of Sindhi language, for which historical evidences are found widely. According the authorities on history and linguistics, development of Sindhi language trends therein started during Arab era, but all the same it is also a historical fact that general development of Sindhi language started during Soomra period.

During Soomra period, Sindhi language received government patronage, resulting in extension of its geographical and linguistic borders. That extension provided Sindhi language with permanent immortality. In Sindh literary trends and terms though existed before Soomras, for which we have historical evidences, but the real beginning and development of Sindhi literature became possible only during the Soomra Period.

This was the initial period when romantic tales and epics became subjects of the Sindhi poetry, which passing through various phases of classical poets still exist in Sindhi poetry. Besides that religious poetry also got foundations during this period and signs of propagation of Sufism through poetry could still be traced during this period.

Though Soomra period is a bygone age of seven centuries back, but the literary subjects belonging to that period still hold good in Sindhi language, which prove that Soomra period has the fundamental significance for Sindhi language and literature. This research paper is written to limelight the significance and development of Sindhi language during Soomra period.

ناليواري انگريز شاعر رابرٽ فروسٽ چيو تہ جذبن کي تصور ۾ تصور کي لفظ ملي وڃن تہ شاعري تخليق ٿيندي آهي. شاعريءَ جو بنياد ’شعور‘ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڄاڻن يا پروڙڻ. اصطلاحي معنيٰ موجب شعر يا شاعريءَ مان مراد آهي موزون ڪلام. موزون ڪلام مان مراد آهي انساني جذبن ۽ احساسن جو اهڙو لفظي بيان، جيڪو نہ صرف فني گهرجون پوريون ڪري، پر گڏوگڏ انسان جي جمالياتي ۽ نفسياتي تسڪين جو سبب پڻ بڻجي.

عام طور تي ادب کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويجي ٿو. هڪ نثر ۽ ٻيو نظم. نظم مان مراد آهي ادب جو شاعريءَ وارو پاڱو. ادب جو هي پاڱو دنيا جي هر قوم ۽ ٻوليءَ جو سڀ کان آڳاٽو ورثو آهي. نثري ادب جي شروعات جا سڀ کان قديم اهڃاڻ تاريخ کان پوءِ واري دور ۾ ملن ٿا، جڏهن تہ شاعريءَ جي تاريخ انتهائي آڳاٽي ۽ نامعلوم آهي. ان نامعلوم تاريخي حقيقت جي بنياد تي اها راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي تہ شاعري انساني جذبن ۽ احساسن جي اظهار جو سڀ کان آڳاٽو ۽ موثر ذريعو آهي، جنهن کي انسان پنهنجي ارتقائي دور ۾ اختيار ڪيو ۽ اظهار جو اهو ذريعو اڄ جي جديد دور ۾ بہ ادب جو سڀ کان موثر ۽ سگهارو ميڊيم آهي. شاعريءَ جي تاريخي قدامت بيان ڪندي خانبهادر صديق ميمڻ لکي ٿو تہ: ”هيءَ ڳالهہ پڌري آهي تہ سڀ ڪنهن ملڪ جو لٽريچر يا علم ادب شعر سان شروع ٿيل آهي ۽ اهو شعر بہ سادو ۽ قصي جي نموني ۾ هوندو هو، جنهن کي انگريزي ۾ بئلڊ (Ballad) ڪري سڏيندا آهن. انهيءَ جو سبب هي آهي جو شعر ۾ ڏنل مضمون وٽندڙ ۽ ياد ڪرڻ ۾ بہ سولو لڳندو آهي.“(1)

دنيا جي ٻين مڙني ٻولين جيان سنڌي ٻوليءَ جو سڀ کان آڳاٽو ۽ وڏو ادبي پاڱو پڻ شاعريءَ تي ٻڌل آهي. ادبي محقق، سنڌ ۾ عرب اسلامي دور کي سنڌي ادب جو ابتدائي ۽ بنيادي دور سڏين ٿا، جنهن ۾ سنڌي ادب جي پيڙهہ جو پٿر رکيو ويو. جيتوڻيڪ ان دور ۾ سرجيل ادب جا ڪي ثبوت ميسر ناهن، پر ڪن اهڃاڻن جي آڌار تي محقق ان دور کي ابتدائي دور تسليم ڪن ٿا، جنهن جو بنيادي سبب اهو آهي تہ عربن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لغت ۾ واڌارو ٿيو ۽ منجهس ادبي اصطلاح پيدا ٿيا. عربن جي دور کان پوءِ سومرن جو دور شروع ٿيو، جنهن کي سنڌي ادب جو تعميري دور سڏيو ويجي ٿو. هتي اسان سومرن جي دور ۾ سنڌي شاعريءَ جي اوسر جو تحقيقي جائزو پيش ڪنداسين.

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ سومرن جي دور کي سنڌي ادب جي اوسر جو بنيادي دور چيو ويجي ٿو. ادبي محقق مڃن ٿا تہ سنڌي ادب خاص طور تي سنڌي شاعريءَ جي اسرڻ جو سلسلو سومرن جي دور کان شروع ٿيو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سومرن جي دور ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي اوسر متعلق پنهنجا ويچار هن ريت بيان

ڪري ٿو تہ: ”سومرن جي دور ۾ ’معياري سنڌي ٻولي‘ جي وڌيڪ تعمير ۽ ترقي لاءِ هيٺيان اسباب ڪارگر ٿيا: (الف) هن دور ۾ سنڌ جي سرزمين ۽ ان سان لاڳو علائقن ۾ وڏا ديندار، ولي ۽ درويش پيدا ٿيا، جن عوام جي اخلاقي ۽ روحاني تربيت لاءِ ’ذڪر‘ ۽ ’سماع‘ جا سلسلا قائم ڪيا، جن جي ذريعي تصوف ۽ طريقت، فيض ۽ هدايت، ارادت ۽ عقيدت، ذڪر ۽ فڪر جي سلسلي جا ڪيئي الفاظ ۽ اصطلاح، فقرا ۽ مثال سنڌي ۾ رائج ٿيا. (ب) مقامي تاريخ ۽ مقامي ڳالهين جي ڳولا خاطر روايت ۽ راوين جو سلسلسو جيڪو عرب-اسلامي دور کان شروع ٿيو، سو سومرن جي دور ۾ وڌيو، ۽ سنڌي سُرتيا ۽ سگهڙ ساماٽا، جن مقامي واقعن ۽ ڳالهين کي ياد ڪيو ۽ بيان ڪيو. خاص طرح ڀانن مان ’ڀاڳ قبيلي‘ جا فقير سومرن جي راڄن سان ڀيڙا ٿيا، ۽ سندن پُريون پيڙهيون ياد رکيائون ۽ پڻ ٻيا سماجي ڪردار ادا ڪيائون. ان وقت کان وٺي ’راڄ ڀاڳ‘ (يعني راڄ ۽ ڀاڳ يعني هر ’راڄ‘ جو هڪ ’ڀاڳ‘) جو اصطلاح هليو ۽ اڄا تائين هلندو اچي. ڀاڳن ۽ ڀانن، ۽ ٻين منگتن ۽ مڱڻهارن هن دور جي عشقيہ داستانن توڙي جنگين ۽ واقعن کي بيان ڪرڻ ۽ ڳائڻ شروع ڪيو، ۽ اهو قصہ-خواني ۽ ڳائڻ جو فن پوءِ سمن جي دور ۾ عروج کي پهتو. پيڙهين، قصن، واقعن ۽ سورهين جي سورهيائي کي بيان ڪرڻ واري جذبي، سنڌي ٻولي ۾ ’بيان‘ جي وسعت پيدا ڪئي، ۽ قصن ۽ جنگين ڳائڻ واري ذوق ’سنڌي راڳن‘ ۾ اضافو ڪيو. واقعن ۽ قصن کي ڳائڻ خاطر عوامي شعر جي هڪ صنف ’ڳاهہ‘ نالي اسري ۽ مقبول ٿي. ’ڳاهہ‘ هندي ’دوهي‘ کان الڳ هڪ خاص سنڌي نظم هو، ۽ ان جو نالو ’ڳاهہ‘ پڻ سنڌ جي تاريخي پسمنظر جي لحاظ سان ٻڌ ڌرم وارن جي آڳاٽي ’گاٿا‘ جي يادگار هو.“(2)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو مٿيون اقتباس، سومرن جي دور جي ادبي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڳالهہ جو بنياد ان نقطي تي رکي ٿو تہ سومرن جي دور ۾ سرجيل رزميہ ۽ عشقيہ داستانن سنڌي ادب خاص طور سنڌي شاعريءَ کي جنم وٺڻ ۽ اسرڻ جو موقعو فراهم ڪيو. ٻئي پاسي ڊاڪٽر مهر عبدالحق سومرو، سومرن جي دور ۾ سنڌي شاعريءَ جي ابتدا ۽ اوسر جو سبب ڄاڻائيندي لکي ٿو تہ: ”سومرن جي دور ۾ سياسي استحڪام ۽ مرڪزي سرڪار جي مضبوطيءَ سبب عام ماڻهوءَ ۾ شاعري، موسيقي ۽ جنگي داستانن لاءِ چَس پيدا ٿيو. ورونهن جي هنن صنفن کي وڌائڻ وارا چارڻ، ڀَٽ ۽ جاجڪ ڪوٺبا هئا.“(3)

سومرا دور ۾ سرجيل شاعريءَ کي فڪري رجحانن جي لحاظ کان هيٺين ڪيٽيگرين ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

- رزميہ/عشقيہ/نيم تاريخي داستانن تي ٻڌل شاعري
- مذهبي شاعري
- لوڪ گيت/لوڪ شاعري

سومرن جي دور سان جيڪي رزميه داستان يعني جنگي ڪٿائون منسوب آهن، تن ۾ دودي-چنيسر جي ڳالهه ۽ علاؤالدين خلجيءَ جي سنڌ مٿان ڪاهه جو داستان، سومرن ۽ گجرن جي لڙائين جا داستان، سومرن ۽ واگهيلن جي جنگين جا داستان ۽ همير سومري ۽ ڄام هالي جي جنگ جا داستان شامل آهن. سومرا دور سان جيڪي عشقيه داستان منسوب آهن تن ۾ سسئي پنهون، ليلا چنيسر، عمر مارئي، گنگا عمر، سورٺ راءِ ڏياچ، مومل راڻي ۽ ڏمرڻ سوناري جا داستان شامل آهن. نيم تاريخي داستانن ۾ مورڙو مانگرمڇ، دلوراءِ، الور جو غرق ٿيڻ ۽ موکي متارن جا قصا شامل آهن. رزميه داستانن، عشقيه داستانن ۽ نيم تاريخي داستانن کان سواءِ مذهب پڻ شاعريءَ جو بنياد بڻيو، خاص طور تي اسماعيلي داعين پاران پنهنجي عقيدي جي پرچار لاءِ نظم جو سهارو ورتو ويو. ان کان سواءِ لوڪ گيت پڻ سومرن جي دور ۾ سرجيا، جن ۾ انيڪ موضوعن کي شاعريءَ ذريعي بيان ڪيو ويو.

## سومرا دور ۾ سنڌي شاعريءَ جون صنفون:

سومرا دور جي ادبي رجحانن آڏار جيڪي ادبي صنفون وجود ۾ آيون، يا جيڪي مقبول ٿيون، تن ۾ 'گيت'، 'ڳاهه' ۽ 'گنان' جا نالا سرفهرست آهن. انهن صنفن جو مختصر جائزو هتي پيش ڪجي ٿو:

### گيت:

گيت، سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ مروج اها آڳاٽي صنف آهي، جيڪا موجوده دور ۾ پڻ ايتري ئي مروج ۽ مقبول آهي، جيتري آڳاٽن وقت ۾ هئي. گيت جي تاريخ ايتري ئي پراڻي آهي، جيتري انساني تهذيب جي تاريخ پراڻي آهي. انسان جڏهن پنهنجي جذبن ۽ احساسن جي اظهار جو طريقو سکيو، تنهن دور ۾ تاريخ جا سڀ کان آڳاٽا گيت سرجيا ويا. جيتوڻيڪ ان زماني جي انسانن کي ادب ۽ شاعريءَ جو فهم نه هو ۽ لکت جا وسيلا ۽ طريقا به گهٽ يا غير ميسر هئا، پر تڏهوڪن انسانن کي به خوشين، غمين ۽ جذبات کي لفظن ذريعي اظهار ڏيڻ جو ڏانءُ ضرور ايندو هو.

سنڌ ۾ گيت جا اهڃاڻ موهن جي دڙي کان وٺي عربن جي دور تائين ملن ٿا. ڪن ماهرن جو خيال آهي ته گيت دراصل ٻوڌي ڀڪشن جي ڳايل گاٿائن جو ڦريل عوامي نمونو آهي. سنڌ ۾ ٻڌمت جي عروج واري زماني ۾ ٻوڌي ٻاوا گاٿائون ڳائيندا هئا، جن ۾ بزرگن جي ساراهه، نصيحتون ۽ هدايت جا موضوع شامل هوندا هئا. ڪي ماهر ان راءِ جا پڻ آهن ته هندو مت جي مقدس ڪتابن ويدن ۾ پڻ نصيحتن ۽ هدايتن جا گيت پڙيل آهن. هندن جي مقدس ڪتاب 'گيتا' بابت پڻ ڪن محققن جو خيال آهي ته ان منجهه ڀڳوان جي ثنا جا گيت شامل آهن، تنهنڪري مٿس 'گيتا'

نالو رکيو ويو.

تاريخ جي اڀياس مان خبر پوي ٿي تہ محمد بن قاسم جڏهن سنڌ جو فاتح ٿيو تہ هتان جي ڪجهہ مقامي قبيلن گيت ڳائي سندس آڌرڀاءُ ڪيو. گيت رسمي ۽ روايتي راڳ ڳائڻ جا آڳاٽا طريقا آهن، جيڪي سنڌي ٻولي توڙي سنڌي شاعريءَ جو سڀ کان پراڻو نمونو پيش ڪن ٿا. انهن دورن جا ٻيا بہ ڪيئي مثال ملن ٿا، پر چاڪاڻ تہ آڳاٽي زماني کان عربن جي دور تائين جو ادب غيرمحفوظ ٿي ويو، تنهن ڪري لکت ۾ ڪي ثبوت نٿا ملن. ان آڌار محققن سنڌ ۾ گيت جي صنف جي باقاعده تاريخ سومرن جي دور کان شروع ڪئي آهي.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي صاحب جو رايو آهي تہ سومرن جي دور ۾ شروع ٿيل ذڪر ۽ سماع جا سلسلا، سنڌ ۾ گيت جي منظم صنف جا موجد آهن. هو وڌيڪ لکي ٿو تہ: ”سماع توڙي ڳائڻ وڄائڻ وارين مجلس ۾ ڪهڙي قسم جو ڪلام پڙهيو يا ڳايو ويندو هو؟ ان سلسلي ۾ چئي سگهجي ٿو تہ سڀ کان اڳ جنهن قسم جو ڪلام ڳايو ويو هوندو، سو ’گيت‘ ئي هوندو، جنهن کي ’ڳاچ‘، ’ڳيت‘، ’ڳيچ‘ ۽ ’لوڪ گيت‘ جي نالي سان ساريو ويو آهي. گيت اهڙو تہ سهڻو سياءُ ۽ سٽاءُ رکي ٿو، جو ان جي جيڪا بہ وصف ڪجي گهٽ ٿيندي. منجهس هر احساس ۽ جذبو، اڌمو ۽ آلاپ اظهارجي سگهي ٿو. دراصل اهو آهي ئي نسواني شاعريءَ جو نمونو، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ اهو سڀ کان اڳ اظهار ۾ آيو هوندو.“ (4)

سومرا دور ۾ گيت جي صنف تي نظر وجهجي تہ ان دور ۾ عورتن ڀاران هن صنف جي پذيرائيءَ جا ڪيئي اهڃاڻ ملن ٿا. مثال طور ان دور ۾ گيت جي سڀ کان پهرين شاعره مائي مرکان شيخڻ کي سمجهيو وڃي ٿو. ان کان سواءِ حڪمران سومرا گهراڻي جي عورتن سان منسوب ڪيئي گيت پڻ اهو اشارو ڏين ٿا تہ سومرن جي دور ۾ گيت جي صنف گهڻي قدر عورتن هٿان وجود ورتون.

هيءَ ڪانبيرڙي لس
هيءَ واسرڙي وس
آءُ ڪلندي ڪڏندي اچان
ڦرهيل ڏنم سک پار ۾
آءُ ڪلندي ڪڏندي اچان
پانداري ڏنم سک پار ۾
آءُ ڪلندي ڪڏندي اچان
هيءَ واسرڙي وس
هيءَ ڪانبيرڙي لس“ (5)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب ’سومرن جو دور‘ جي

ضميمي واري حصي جي باب ٻئي ۾ 'جڪڙيون – سومرين ماين جا ڳيا' جي عنوان سان سومرين ماين جا ڇيل يارهن گيت ڏنا آهن. انهن گيتن مان نموني طور ٻه گيت هتي ڏجن ٿا، جن ذريعي ان دور ۾ هن صنف جي فن ۽ فڪر جي پروڙ پوي ٿي.

"مانيءَ جو لولو ڪائيجا
ٻاجهريءَ جو لولو ڪائيجا
سرتيون طعنو نہ ڏجا
ڪچ ڪوٽ هلنديونسين.

ڪوه ڇاٽان پنهنجا ڪهڙي وطن ويا؟
ڪوه ڇاٽان پنهنجا ڪهڙي ديس رهيا؟

***

"مُنهن مَتوران نگيون، مَرڪن سومريون
سونهن سنڌي ڏاڏيون سومريون.
منهن متوارن نگيون، ڏري هڏ موتيون خرار
سنڌ سومريون، سونهن سنڌ ڏاڏيون سومريون.
هيو هندورن هيريون، پڌر ڏنائون پير
سنڌ سومريون، سونهن سنڌ ڏاڏيون سومريون.
ڇُلي پيئيون ڇپرين، ڪانين ڪلهار پار
سنڌ سومريون، سونهن سنڌ ڏاڏيون سومريون.
ايي رڻ ڏي ڏاڏيون هليون، پَنيين پريا پير
سنڌ سومريون، سونهن سنڌ ڏاڏيون سومريون.
ننڍي وڏيءَ سومريءَ آهي پتوري ليهہ
مرڪن سومريون، سونهن سنڌ ڏاڏيون سومريون.
آديءَ ٻڌا اکيا، منجي ٻڌا موڙ
مرڪن سومريون، سونهن سنڌ ڏاڏيون سومريون.
سومريون بيٺيون سيل تي هٽ وٺا پري ڪير
مرڪن سومريون، سونهن سنڌ ڏاڏيون سومريون.
سڀڙ سالار ابڙو، ٿيئي جوڙ جوان
مرڪن سومريون، سونهن سنڌ ڏاڏيون سومريون." (6)

## ڳاهہ:

ڳاهہ سنڌي شاعريءَ جي هڪ قديم صنف آهي، جنهن جي شروعات

سومرن جي دور کان ٿي. محققن جي راءِ موجب ڳاهہ سنڌي بيت جي اوائلي صورت آهي. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو تہ: ”تاريخي لحاظ کان بيت جا نمونا اسان کي سومرن جي دور کان ملڻ شروع ٿين ٿا. ’ڳاهہ‘ سنڌي بيت جو ابتدائي نمونو آهي. لفظ ’ڳاهہ ‘سنڌي لفظ ’ڳائڻ‘ مان نڪتل معلوم ٿئي ٿو.“ (7)

سومرن جي دور ۾ سنڌ يا پرپاسي جي رياستن ۾ پيش آيل/ٻڌل واقعن کي مقامي شاعرن، نظم ۾ قلمبند ڪيو. سومرن جو دور رومانوي ۽ رزميہ داستانن جي حوالي سان بيحد مقبوليت رکي ٿو. ان آڌار محققن جو خيال آهي تہ سومرا دور جي رومانوي ۽ رزميہ داستانن کي بيان ڪرڻ لاءِ ڳاهہ جي صنف جو استعمال ڪيو ويو. ان دور جي لوڪ شاعرن، ڀٽن، ڀانن ۽ چارڻن قصن کي منظوم انداز ۾ بيان ڪيو. ان منظوم بيان کي ڳاهہ سڏيو ويو. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي سومرن جي دور ۽ ان ۾ سرجيل ڳاهہ جي صنف بابت لکي ٿو تہ: ”هن دور ۾ سنڌي زبان وڏي ويجهي ۽ ارتقائي منزلون طئي ڪرڻ لڳي. هي دور سنڌي ڪلاسيڪي ادب جو بنيادي دور آهي. سنڌ جي رومانوي داستانن ۽ رزميہ قصن ۽ واقعن جو واسطو بہ گهڻي قدر هن دور سان آهي. سنڌي شاعريءَ جا تمثيلي قصا هن دور سان تعلق رکن ٿا. اهي رومانوي داستان اڄ بہ سنڌ ۾ مشهور آهن. اهي تاريخي قصا يا تاريخ جا ٻيا واقعا ڀٽن ۽ ڀانن ۽ چارڻن ذريعي محفوظ رهيا آهن. انهن قصن ۽ واقعن جي وچ تي بيت بہ اچن ٿا جيڪي انداز بيان کي وڌيڪ اثرائتو بڻائين ٿا. انهن کي ڳاهہ چئجي ٿو.“ (8)

ان ڏس ۾ پروفيسر محرم خان لکي ٿو تہ: ”جهوني جُڳ ۾ ڪن اکئين ڏٺل واقعن ۽ ڪن ٻُڌل ڪهاوتن ۽ ڪهاڻين جا اهم پهلو، اول عام گفتگو جو دلچسپ عنوان بڻيا. انهن مان ڪي خاص فقرا ۽ ٻول زبان زد عام ٿيا ۽ انهن تي تڪون ٻڌي، انهن کي آلاپيو ۽ جهونگاريو ويو. پوءِ اهي تڪون ۽ ٻول آکاڻين جي وچ ۾ ڳائجڻ لڳا، اهڙيءَ طرح ڳاهون رچي راس ٿيون آهن. آکاڻين ۾ ڳاهون واقعات کي چٽو ڪرڻ، ڪردارن کي سنوارڻ، ڳجهيون دانهيون ڏيڻ ۽ سوال جواب ڪرڻ لاءِ استعمال ۾ آيو آهن.“ (9)

ڪن محققن جو خيال آهي تہ سنڌي ڳاهہ، اصل ۾ راجستان ۽ گجرات ۾ رائج ’لوڪ گاٿا‘ جي ڦريل صورت آهي. راجستان ۽ گجرات، سنڌ جي اوپر-ڏکڻ ۾ واقع پراڻيون پاڙيسري رياستون آهن، جن سان سنڌ جا سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ ادبي لاڳاپا گهڻا پراڻا آهن. سنڌ جو ٿر وارو علائقو راجستان سان جاگرافيائي طور جڙيل آهي ۽ آڳاٽي زماني ۾ جڏهن ماڻهن جي مختلف رياستن ۾ اچ وڃ تي ڪا پابندي نہ هئي، تڏهن ماڻهن جي اچ وڃ سان گڏ ٻولي ۽ ادب جي اثرات جي اچ وڃ پڻ ٿيندي هئي. راجستان ۾ آڳاٽي وقت کان قصا ٻڌائڻ جو ڪم اتان جا مقامي ڀَٽ ۽ چارڻ ڪندا هئا، تنهن ڪري راجستان جي علائقن ۾ قصن ۽ واقعن جي منظوم بيان

ڪي 'چارڻي لوڪ گاٿا' سڏيو ويندو هو. ماهرن جو خيال آهي تہ سنڌ ۾ ڳاهہ ذريعي منظوم واقعا ٻڌائڻ جو روائج، راجستان ۽ گجرات مان آيو. تاريخ جي مطالعي مان چاڪاڻ تہ اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ سنڌ، گجرات ۽ راجستان جي وچ ۾ گهڻي قدر لاڳاپا عربن جي پچاڙيءَ واري دور ۽ سومرن جي اوائلي دور ۾ جاري ٿيا، تنهن ڪري اهو گمان ڪري سگهجي ٿو تہ 'ڳاهہ' جي صنف سنڌ ۾ عربن جي صفا پچاڙيءَ واري دور يا سومرن جي اڳياڙيءَ واري دور ۾ متعارف ٿي. ان حوالي سان عرب دور ۾ رچيل ڳاهن جا ڪي مثال نٿا ملن، تنهن ڪري محققن هن صنف کي سومرن جي دور سان منسوب ڪيو آهي.

ڳاهہ هڪ قسم جو واقعاتي بيت آهي. آڳاٽي دور جا ڀٽ، ڀان، چارڻ ۽ سگهڙ، ماڻهن جي دل وندرائڻ ۽ ڏنل يا ٻڌل واقعن/خبرن کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پجائڻ جو ڪم ڪندا هئا. عام ماڻهن وٽ لکت جون صورتون چاڪاڻ تہ موجود نہ هيون، تنهن ڪري واقعن کي شعر ۾ سمايو ويندو هو ۽ اهي شعر زباني طور بيان ڪيا ويندا هئا. اهي منظوم زباني شعر ئي درحقيت ڳاهون آهن. سومرن جي دور ۾ ڳاهون سرجيندڙن ۾ ڀاڳو ڀان، سمنگ چارڻ ۽ ٻين جا نالا مقبول آهن، جن ان دور جي عشقيہ، رزميہ ۽ نيم تاريخي واقعن بابت ڳاهون چيون.

مٿي ڪيل وضاحت مان ڳاهہ جو موضوع واضح ٿئي ٿو. ڳاهہ اهڙا واقعاتي بيت آهن، جيڪي ڪن خاص واقعن ۽ داستانن کي بيان ڪرڻ لاءِ سرجيا ويا يا وري ڪنهن سورمي يا سورهہ جي ساراهہ خاطر لکيا ويا. سومرن جي دور ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب پنهنجي ابتدا ۽ اوسر جي بنيادي مرحلي تي هئا. ان دور ۾ شاعريءَ جون پختيون ۽ مجيل صنفون سنڌ ۾ رائج نہ هيون، تنهنڪري سنڌ جي مقامي شاعرن بيان جي اظهار لاءِ ڳاهہ جهڙي مقامي صنف کي استعمال ڪيو.

ڳاهہ جي موضوع تي ڳالهائيندي، عبدالوحيد جتوئي لکي ٿو تہ: "موضوع جي لحاظ کان ڳاهہ هڪ گهڻ موضوعاتي صنف آهي، ڇو جو قديم دور ۾ نظم محدود هوندو هو. ان ۾ گهڻيون صنفون نہ هونديون هيون. انهيءَ ڪري تقريباً سمورا قصا، داستان ۽ ڪهاڻيون ڳاهہ جو بنيادي موضوع رهيون آهن. ان کان سواءِ ڳاهہ کي درباري شاعر بہ ڪتب آڻيندا هئا تہ انقلابي بہ. فطري شاعر بہ تہ سيکڙاٽ بہ. سگهڙ بہ تہ چارڻ بہ. مطلب تہ هر قسم جو شاعر ڳاهہ کي اپنائي مٿس طبع آزمائي ڪندو هو." (10)

ڳاهہ جي موضوعاتي وسعت ان دور جي ادبي وسعت جيتري پکڙيل هئي. ان دور ۾ جيڪي ڳاهون سرجيون ويون، تن ۾ هڪ پاسي عشقيہ ۽ جنگي داستان ڳايل آهن تہ ٻئي پاسي منجهس سورمن جي ساراهہ ۽ ٻچڙن جي برائيءَ جا موضوع پڻ شامل آهن. نصيحتون، چوڻيون ۽ پهاڪا پڻ ڳاهہ جي موضوعن ۾ ملن ٿا. مثال طور ان دور جون لکيل ڪجهہ ڳاهون هتي پيش ڪجن ٿيون.

عشقيہ داستان 'ڏمر سوناري' بابت ڳاهہ:

اڪ نہ ڪجي ڏنڊڻو، سپ نہ ڪائجي ماهہ،
اتي نہ لائجي نينهڙو، جتي ٿئي نہ جيءَ وڻاهہ،
تــن ســونــارن الا، مــون مــن مــوهــيــو وي. (11)

رزميہ داستان دودي-چنيسر ۽ علاؤالدين جي جنگ بابت ڳاهہ:

اپ ســپ ڪــنــهــن اچــو، اپ نــہ اچــو ڪــوءِ
مــئــي بــہ مــٿــي ٿــئــو، ســورهــہ ســر ســنــدوءِ (12)

جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي تہ گهڻن محققن جي خيال موجب ڳاهہ، سنڌي بيت جي ابتدائي صورت آهي؛ ان رايي سان اتفاق ڪرڻ جا ڪيترائي جواز آهن، جن منجهان سڀ کان اهم ڳاهہ جو سٽاءُ آهي. اسان جيڪڏهن غور ڪريون تہ ڳاهہ جو سٽاءُ بيت سان گهڻي ڀاڱي ملي ٿو. سنڌي بيت، هندي دوهي ۽ سورٺي جو سنگم مڃيو وڃي ٿو. سورٺي مان مراد آهي اهڙو ٻہ-سٽو شعر جنهن ۾ قافيا ٻنهي مصراعن جي وچ تي اچن، جڏهن تہ دوهي مان مراد آهي اهڙو ٻہ-سٽو شعر جنهن ۾ قافيا ٻنهي مصراعن جي آخر ۾ اچن. سنڌي بيت انهن ٻنهي هندي صنفن جي گڏجڻ سان ٺهيو. سومرن جي دور ۾ مليل ڳاهن جي فن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ڳاهہ پڻ دوهي ۽ سورٺي جي فن سان ويجهڙائي رکي ٿي. سومرن جي دور ۾ جيڪي ڳاهون لکيو ويون، سي انتهائي سادي سٽاءَ واريون آهن. عام طور تي ڳاهون ٻن سٽائن ۾ سرجيل ملن ٿيون. هڪڙيون دوهي واري سٽاءَ ۾ ۽ ٻيون وري وائي واري سٽاءَ ۾، جنهن ۾ هڪ لنڊي يا ننڍڙي تڪ پڻ ٻيهاري ويندي آهي. اڳاٽين ڳاهن ۾ واقعن جي بيان سان گڏ گفتگو يا ڊائلاگ وارو انداز بہ ملي ٿو. اڪثر اهڙيون ڳاهون بعد جي دورن خاص طور سمن جي دور ۾ لکيون ويون، جن ۾ گفتگو واري انداز ۾ هڪڙو ماڻهو سوال ٿو ڪري ۽ ٻيو ان جو جواب ٿو ڏئي.

## گنان:

گنان، سومرن جي دور جي مذهبي شاعراڻي صنف آهي. تاريخ جي اڀياس مان خبر پوي ٿي تہ سومرن جي دور ۽ ان کان اڳ هبارين جي حڪومت ۾ اسماعيلي عقيدي جي پرچار لاءِ اسماعيلي داعي سنڌ ۾ آيا ۽ انهن پنهنجي عقيدي جي سنڌ جي ماڻهن ۾ تبليغ ڪئي. عام ماڻهن ۾ اسماعيلي عقيدي جي پرچار لاءِ انهن داعين مقامي ٻوليءَ ۾ شاعري جو سهارو ورتو ۽ گنان جي صنف ذريعي اسماعيليت ۽ تصوف جا اصول ماڻهن کي ذهين نشين ڪرايائون. اسماعيلي مبلغن پاران سنڌ ۾ متعارف ڪرايل هن شاعراڻي صنف، ان زماني ۾ بيحد مقبوليت ماڻي. جيتوڻيڪ اها صنف اسماعيلي عقيدي جي پرچار لاءِ مخصوص هئي ۽ اجا تائين آهي، پر ادب جا محقق

سنڌي شاعريءَ جي ارتقا ۾ هن صنف کي خاص اهميت ۽ سرفهرست درجو ڏين ٿا.

اسماعيلي فرقو، اسلام جي شيعا فرقي جي هڪ شاخ آهي، جنهن جو بنياد نائين صدي عيسويءَ ۾ شام ملڪ ۾ پيو. اسماعيلي فرقي جي جنم کان پوءِ اسماعيلي امامن، دنيا جي مختلف علائقن ۾ مبلغ موڪلڻ شروع ڪيا، جن جو مقصد اتان جي ماڻهن ۾ اسماعيلي عقيدي جي تبليغ ڪرڻ هو. الهيشم اهو پهريون اسماعيلي داعي هو، جيڪو عربن جي دور حڪومت ۾ سن 883ع ۾ سنڌ آيو. ان کان پوءِ سومرن جي دور ۾ پير ستگر نور، پير شمس سبزواري ۽ پير صدرالدين مختلف وقتن ۾ سنڌ آيا ۽ پنهنجي عقيدي جو پرچار ڪيائون. اسماعيلي عقيدي کي آسان نموني سمجهائڻ لاءِ انهن داعين 'گنان' جي صنف جو استعمال ڪيو.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو لکي ٿو ته: ”سومرن جي دور ۾ شاعريءَ جي ترقي ٿيڻ لڳي ۽ جن صنفن جا نمونا ملن ٿا، انهن ۾ گنان جي صنف به آهي. گنان مذهبي شاعريءَ جي مخصوص صنف ڄاتي وڃي ٿي. ان جو تعلق اسماعيلي مبلغن سان آهي، جي سومرن جي دور ۾ 1079ع کان سنڌ ۾ آيا. پهريون اسماعيلي داعي نورالدين سنڌ ۾ آيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي گهري ڄاڻ حاصل ڪري تبليغ ۾ مصروف ٿي ويو. نون مسلمانن کي تصوف جا اصول گنانن وسيلي ذهن نشين ڪرائڻ لڳو. ڪانئس پوءِ پير شمس جو نالو اچي ٿو، جنهن جي تبليغي طريقي کي شمس مت چيو ويو. پير صدرالدين به هن فرقي جو وڏو مبلغ هو، جنهن جا گنان خواجڪي سنڌيءَ ۾ آهن. هن بزرگ جي ڪلام جو گهڻو ذخيرو آهي، جنهن مان گهڻو اشاعت هيٺ به اچي چڪو آهي. پير حسن ڪبيرالدين، امام بيگم ۽ غلام علي شاهه وغيره جو ڪلام به مشهور ٿيو.“ (13)

گنان جي بيان ڪندي ڊاڪٽر نور افروز خواجه لکي ٿي ته: ”بنيادي طرح لفظ 'گنان' (Ginan) سنسڪرت لفظ 'گيان' (Gyan) مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'ڄاڻ' ۽ 'علم'. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته اهڙو علم جو عبادت ۽ رياضت جي نتيجي ۾ حاصل ٿئي ٿو. اسماعيلي فڪر يا عقيدي ۽ مذهبي ادب ۾ 'گنان' کي اهم مقام حاصل آهي.“ (14)

گنان جو سٽاءُ بيان ڪندي محقق عبدالوحيد جتوئي لکي ٿو ته: ”هونئن ته مختلف مبلغن جا ڏنل مختلف گنان سٽاءَ جي لحاظ کان تقريبن ملندڙ جلندڙ آهن پر ڪن گنان گو شاعر مبلغن جا گنان هڪ ٻئي کان مختلف نوع جا آهن. مثلاً ڪن شاعرن جا گنان دوهي جهڙي گهاڙيٽي ۾ گهڙيل آهن ته ڪي گنان وري لڳ ڀڳ وائيءَ وانگر ورجايا ويا آهن... گنان قديم سنڌي نظم جي هڪ زنجيري ترڪيب صنف آهي، جنهن جا تقريبن بند دوهي جي سٽاءَ وانگر هوندا آهن. هن جي شروع ۾ هڪ وراڻي ٿيندي آهي، جيڪا هر بند جي پوري ٿيڻ کان پوءِ دهرائي يا ورجائي ويندي آهي. گنان ۾ بندن جي ڪا به مقرر حد ڪانهي. حقيقت ۾ جيڪڏهن گنان کي

وائي، ڪافي ۽ بيت جي پاڙ چئجي يا انهن جي ماءُ چئجي تہ غلط نہ ٿيندو ڇو جو وائي ڪافي ۽ بيت جو وجود گنان ۾ سمايل ٿئي ٿو.“(15)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ادب جي مختصر تاريخ‘ ۾ گنان جي هيئت کي بيت کان مختلف ۽ ان جي سٽاءَ کي ڪافيءَ سان ويجهو قرار ڏئي ٿو. سندس خيال آهي تہ ڪافيءَ جيان گنان ۾ بہ ٿلهہ ۽ ان کان پوءِ هر بند علحدو ڏنل هوندو آهي ۽ ڳائڻ ۾ هر بند کان پوءِ ٿلهہ ورجائبو آهي. جوڻيجي صاحب جي ان راءِ سان ڊاڪٽر غلام علي الانا پڻ سهمت نظر اچي ٿو. هو پنهنجي ڪتاب ’لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ‘ ۾ ٻڌائي ٿو تہ اسماعيلي داعين جي لکيل گنانن کي سنگيت ۽ راڳداريءَ موجب ڪافي چئي سگهجي ٿو.

گنان جا قسم بيان ڪندي ڊاڪٽر نور افروز خواجہ لکي ٿي تہ: ”گنان جا ٻہ قسم آهن: هڪ ڊگها گنان ۽ ٻيا ننڍا گنان. ڊگهن گنانن کي ’گرنٿ‘ چيو ويجي ٿو، جڏهن تہ ننڍن گنانن کي صرف ’گنان‘ چيو ويجي ٿو. گرنٿ يا طويل گنانن ۾ اضافي شعر بہ هوندا آهن، جن کي ’ويل‘ چون ٿا. هيءَ بہ ٻن قسمن جي آهي: ننڍڙي ويل ۽ وڏي ويل. ننڍن گنانن جي آخر ۾ عموماً تخلص (پير جو نالو) استعمال ٿيندو آهي. گنانن جي هر هڪ بند کي ’پاره‘ ۽ هر هڪ مصرع کي ’سلوڪ‘ چيو ويجي ٿو. چئن مصرعن جي بند کي ’چوپايہ‘ چيو ويجي ٿو ۽ ٻن مصرعن جي بند کي ’دوهو‘ چيو ويجي ٿو. گنانن جو هڪ قسم ’گربي‘ چيو ويجي ٿو. اهي صرف پير شمس جا لکيل آهن. ڪن گنانن کي ’چوگڙيہ‘ چيو ويجي ٿو، جيڪي گهڻو ڪري پير صدرالدين جا ئي لکيل آهن.“(16)

سومرن جي دور ۾ اسماعيلي داعين پاران سنڌيءَ ۾ لکيل مختلف گهاڙيٽن ۽ قسمن جي گنانن جا ڪجهہ نمونا هتي پيش ڪجن ٿا:

(1)

پيا سون پريتج پانڌيئي، ماڻڪ مانهہ ويهہ،
ست پنٿ ساڌيئي، پنٿي پورا ٿي.

(2)

تانگهي مٿي ترهو تاڻي تو نہ پڏو
جيڏين لهرن لوڙيو، تڏهن تو سنيالين.

(3)

شاهہ جو مجيئڙو تن،
جيڪي صبوحڙي جاڳن.
اٿي الله نہ گهرين بندا،
تون ستين سڄي رات.

نـڪـا جـهـوري جـيـو جـي ٻـانـهـا،
نـــڪـــو ٺـــمـــر ســـاٺ.
شـــاهـــ جـــو مـــچـــيـــئـــڙو تـــن،
جـــيـــڪـــي صـــبـــوحـــڙي جـــاڳـــن.
جـــي صـــبـــوحـــڙي نـــ جـــاڳـــيـــا،
تـــن حـــوروُن ڏيـــن نـــ هـــٿ.
سـي هـئـ هـئـ ڪـنـدا هـٿ هـڻـنـدا،
جـــيـــئـــن هـــاري وڃـــائـــي وٽ.
شـــاهـــ جـــو مـــچـــيـــئـــڙو تـــن،
جـــيـــڪـــي صـــبـــوحـــڙي جـــاڳـــن. (17)

## سومرا دور جا شاعر

سومرا دور جي ادبي تاريخ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته ان دور ۾ ڪي پيشيور ۽ ڪُل وقتي شاعر نه هئا، بلڪ ان دور جا ڀٽ، ڀان، چارڻ ۽ منگتا، شعر جوڙڻ جو ڪم ڪندا هئا. جيتوڻيڪ سندن ڪرتون مختلف هيون، پر هنن پنهنجي دور ۾ رونما ٿيندڙ اهم واقعن توڙي ٻڌل قصن کي منظوم ڪيو. ادبي تاريخ جا اڪثر محقق ان دور جي شاعرن کي باقاعده شاعر تسليم نٿا ڪن، ڇاڪاڻ ته انهن جي واقعاتي ۽ مقدار ۾ ٿوري شاعريءَ کان سواءِ ان دور جو گهڻو ادبي ذخيرو ميسر ناهي. هتي اسان سومرا دور جي انهن شاعرن ۽ سندن شاعريءَ جو تحقيقي اڀياس پيش ڪري، سندن شخصيت ۽ ادبي ڪاوشن کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. سومرا دور جي ڪجهه اهم شاعرن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو.

## ڀاڳو ڀان:

ڀاڳو ڀان، سومرن جي دور جو اهم شاعر، راڳ جو ماهر ۽ راجنيتيءَ جو وڏو ڄاڻو هو. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ ڀاڳو ڀان بابت لکيل آهي ته: ”ڀاڳو ڀان سومرن جي دور ۾ اٽڪل تيرهين صديءَ جي آخر ڌاري ڄائو. سندس وڏا، ابتدا کان ئي سنڌ جي راڄائي درٻارن سان لاڳاپيل رهيا ۽ وفادار ۽ بااعتماد هئڻ ڪري سفارت، سڱابنديءَ ۽ سياسي مامرن لاءِ مشهور هوندا هئا. ڀاڳو ڀان، سومرن حاڪمن جو ست پيڙهيو گهر ڄائو ڀان هو.“ (18)

ڀاڳو ڀان بابت محمد سومار شيخ لکي ٿو ته: ”ڀاڳو ڀان اصل سنڌ جو رهاڪو هو. سندس اصلي ڏيهه روپاماڙي ۽ وڳهه ڪوٽ جي پرسان ڪنهن ڳوٺ ۾ هو. ٽر (نزديڪ سيراڻي، بدين) پرسان ڀان رهندا پيا آيا آهن، ٿي سگهي ٿو ته اهي ڀاڳو ڀان

جو اولاد هجن. 'پاڳن' جا ڪجهه گهر ڪوسڪي پرسان هيبت فقير جي درگاهه جي پرسان رهن ٿا. انهن جي دعويٰ آهي تہ اهي پاڳو پان جي اولاد مان آهن. بهر صورت پاڳو پان ڏڪڻ سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ جو رهاڪو هو." (19)

پاڳوءَ جو اصل نالو سائينڏنو هو ۽ هو سومرن حڪمرانن جو بيحد اعتبار وارو ساٿي هو. پاڳوءَ جو تعلق قديم پٽ قبلي سان هو. سندس وڏڙا چاڪاڻ تہ ڪيئي پيڙهين کان سومرن سان گڏ هئا، تنهن ڪري پاڳوءَ کي سومرن حاڪمن جي دربار ۾ خاص مشير ۽ سفير جو درجو حاصل هو. پروفيسر محرم خان وگهامل پنهنجي ڪتاب 'سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري' ۾ پاڳو پان جي رجز گوئيءَ کي راجستان جي 'بيسل راسو'، 'پرٿوي راج راسو' ۽ 'همير راسو' سان پيٽيو آهي. جهڙيءَ طرح راجا بيسل جي محمود غزنوي، پرٿوي راج چوهاڻ جي محمد غوري ۽ همير ديو جي علاؤالدين خلجيءَ هٿان شڪست کان پوءِ راجستان جي مقامي پٽن ۽ پانن، انهن واقعن کي منظوم ڪيو، تهڙيءَ ريت سومرن ۽ علاؤالدين جي جنگنامي کي منظوم ڪري تاريخ جو حصو بنائڻ جو ڪم پاڳو پان ڪيو. ڪي محقق مڃن ٿا تہ سومرن ۽ علاؤالدين جي جنگ تاريخ جو هڪ فرضي قصو آهي، حقيقت ۾ پاڳو پان ۽ ٻين سگهڙن، راجستان جي مقبول داستان همير راسو کان متاثر ٿي ان کي ديسي ويس پارايو ۽ ان ڏس ۾ شاعريءَ جي رچنا ڪئي. بهرحال قصو فرضي هجي يا حقيقي، ان دور جو ادبي ذخيرو هڪ ناقابل فراموش حقيقت آهي.

پاڳو پان کي تاريخ ۽ ادب جا ڄاڻو، دودي ۽ علاؤالدين جي جنگ جي راويءَ طور سڃاڻن ٿا، چاڪاڻ تہ دودي چنيسر جو قصو سڀ کان پهريان پاڳوءَ منظوم ڪيو. بعد ۾ اهو قصو سڄي سنڌ ۽ ڪڇ ۾ پکڙيو ۽ رزميہ داستان طور مقبول ٿيو، جنهن کي ٻين شاعرن پڻ ڳايو.

پاڳو پان پنهنجي شاعري ڳاهه جي صنف ۾ ڪئي. هُن جنگ کان اڳ، جنگ دوران ۽ جنگ کان پوءِ جي حالتن کي پنهنجي شاعريءَ وسيلي بيان ڪيو آهي. روايتن موجب پونگر سومري جي مرڻ کان پوءِ چنيسر کي پڳ پارائڻ واري فيصلي جي پاڳوءَ حمايت ڪئي، پر جڏهن چنيسر پڳ پائڻ کان اڳ ماءُ کان پڇڻ جي ڳالهہ ڪئي تہ امير مٺس ڪاوڙيا ۽ پڳ دودي کي پارايائون. ان واقعي تي پاڳو پان هيءَ ڳاهه لکي:

مون چٽ کي چاڙهي ڄام ڪيو، تون ڇا ڄاڻين راڄ منجهان،
ائين پڳ وڃايئي پانهنجي، جو پڇڻ هليو هئين ماءُ.

سومرن ۽ علاؤالدين جي جنگ جي روايتن بابت جيڪي ڳاهون ملن ٿيون، تن ۾ اڪثر ڳاهون پاڳو پان سان منسوب آهن. روايتن جي اڀياس مان خبر پوي ٿي تہ جڏهن علاؤالدين سنڌ مٿان ڪاهه لاءِ آيو تہ پاڳوءَ جي مشوري تي دودي، چنيسر جي

پٽ ننگر کي علاؤالدين جي ڇانوڻيءَ ۾ وڪيل ڪري موڪليو. ننگر کي وڪالت لاءِ راضي ڪرڻ لاءِ ڀاڳو سندس حويليءَ ۾ ويو ۽ ڪيس هيئن چيائين:

تنهنجا باغن اڏيل بنگلا، آهي اوچي اڏاوت تن،
ٿنڀ ڪامون چندن جون، مُشڪ ليپ لڳن،
ڪٺُون شيشم عاج جون، جن تي هنڌ فراش پون،
گلم اوهان دودائين جا، سڀ جنهور سان جُڙن،
سنڌ جا سورهه سومرا، تو وٽ ڪئنر ڪچهريون ڪن،
خان پڇين ٿو خبرون، ويهو ننگر نوابن.

روايتن ۾ اهو پڻ ڄاڻايو ويو آهي ته جڏهن چنيسر وڃي علاؤالدين سان مليو ۽ ڀاڻ ۽ ڀومڻ تي حملي لاءِ ڏاريي حڪمران کي وٺي آيو ته ڀاڳو ڀان سندس گهٽي ننڊا ڪئي.

سپيئي دودا پونگر سنيران، مون ڪئين راڄ ڏٺا،
اڳ نه ڪريو ڪو سومرو، جيئن تون ڪرئين چنيسر راءِ،
تو ۾ لڄ لهارن جي، آهي سڀ عالم کي آگاهه،
آيئه عقل اڳارن جو، ۽ سڪ سنداڻن ساءِ.

روايتن موجب جڏهن جنگ ۾ دودو سومرو شهيد ٿيو ته ڀاڳوءَ هيءَ ڳاهه چئي:

اڀ سڀ ڪنهن اچو، اڀ نه اوچو ڪوءِ،
سئي به مٿي ٿيو، سورهيه سر سندوءِ.

ادبي تاريخ جي مختلف ڪتابن ۾ ڀاڳو ڀان جون چيل ڳاهون ڏنيون ويون آهن. ساڻس منسوب سڀني ڳاهن جو موضوع جيتوڻيڪ ساڳيو آهي، پر فني سٽاءَ جي لحاظ کان منجهن فرق ظاهر آهي. ڪي ڳاهون دوهي جي سٽاءَ تي سرجيل آهن ۽ ڪي ڳاهون گهڻ سِٽيون آهن، جنهن مان خبر پوي ٿي ته ڳاهه جي صنف جيتوڻيڪ موضوعاتي لحاظ کان پابند هئي، پر منجهس مصرعن جي پابندي رائج نه هئي. موضوع ۽ واقعي کي پورو ڪرڻ خاطر ڳاهه جا شاعر مختصر يا طويل ڳاهون چوندا هئا. هن مختصر بحث ۽ شاعريءَ جي پيش ڪيل نمونن مان ڀاڳو ڀان جي شاعراڻي فن جي چڱيءَ ريت پروڙ پوي ٿي. جيتوڻيڪ هُو ڪل وقتي شاعر نه هو ۽ سندس ڪلام ٿوري مقدار ۾ ميسر آهي، پر جيترو ميسر آهي ان منجهان خبر پوي ٿي ته هُو سنڌي ادب جي ابتدائي تعميري دور جو سرموڙ شاعر هو. سندس فن ۽ ڪردار بابت دادا سنڌي لکي ٿو ته: ”ڀاڳو ڀان اڄ به سنڌ جي ڳوٺاڻي عوامي ڪچهرين ۾ ائين ڳايو ٻڌو وڃي ٿو، جيئن منڍ ۾ هو. هن ڳالهه کي سُرندي تي ڳائڻ جو رواج وڌو ۽ سرندو ايجاد ڪري، قصه خواني ۽ داستان گوئيءَ کي موسيقي جي ڌن ۾ آڻي، ان کي وڌيڪ موثر ڪيو. ان ڪري سندس عوامي ڪردار اڄ به مجيل مڃايل حيثيت رکي ٿو.“ (20)

## سمنگ چارڻ:

آڳاٽن دورن ۾ پٽ ۾ چارڻ، نشر ۾ اشاعت جو ڪم ڪندا هئا. سندن اهڙي ڪرت سبب ڪيترن ئي محققن کين پنهنجي دور جا اخبار نويس سڏيو آهي. اهي پٽ، ڀان ۾ چارڻ ڳاهن ۾ ڳائڻ ذريعي هڪ هنڌ جون خبرون ٻئي هنڌ تائين پڄائيندا هئا. ان کان سواءِ چڱن جي ساراهه ۾ ٻچڙن جي ننڌا ڪري عام ماڻهن کي پنهنجي دور جون حقيقتون پڻ بيان ڪندا هئا. انهن سببن ڪري مختلف علائقن ۾ سندن وڏو اثر رسوخ هوندو هو.

سمنگ چارڻ، سومرن ۾ سمن جي دور جو مشهور شاعر، منگتو ۽ راڳي هو. ادبي محققن کيس سنڌي شاعريءَ جي آڳاٽي صنف ڳاهه جي موجد شاعر طور ياد ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته ڀاڳو ڀان کان پوءِ ڳاهه جي صنف کي هن ئي ترقي وترائي ۽ ڪانئس پوءِ سنڌي ڳاهه فني ۽ فڪري ارتقا ڪري سمن جي دور ۾ بيت جي صورت اختيار ڪئي. سمنگ چارڻ جي دور بابت ڪن محققن جو خيال آهي ته هو 1200ع کان 1300ع جي وچ تي جيئرو رهيو، جڏهن ته پروفيسر محرم خان موجب سمنگ چارڻ جو دور لاکي ڦلاڻي، وڪئي ڏاتار ۽ همير سومري وارو دور آهي.

چيو وڃي ٿو ته سمنگ چارڻ اصل ۾ سنڌ ۽ ڪڇ جي سرحد وٽ ڪيرا ڪوٽ جي علائقي جو رهاڪو هو ۽ لاکي ڦلاڻيءَ جي راڄ جو مڱڻهار هو. ڪن محققن کيس لاکي ڦلاڻيءَ جو درباري شاعر پڻ لکيو آهي. هن لاکي ڦلاڻي ۽ سمن حاڪمن جي ساراهه ۾ ۽ سومرن حاڪمن جي ننڌا ۾ ڪيئي ڳاهون لکيون.

روايتن موجب سمنگ چارڻ سمن جي گهراڻن مان 'ڏهه ڏاتار' ۽ 'ست سورهيه' مقرر ڪيا ۽ هر هڪ تي هڪڙي ڳاهه چيائين. اهي ڳاهون جڏهن هُن همير سومري کي ٻڌايون ته همير کيس سندس نالو سورمن جي فهرست ۾ اڳيان ڳائڻ لاءِ چيو، جنهن لاءِ سمنگ راضي نه ٿيو. همير کيس بند ڪيو، جتان هو ڪنهن طريقي سان جان بچائي نڪتو ۽ پوءِ سڄي حياتي سومرن حاڪمن جي ننڌا ڪيائين. سندس هڪ ڳاهه جو نمونو هتي ڏجي ٿو، جنهن ۾ همير جي هجو ڪئي وئي آهي.

سپر ٿيا سومرا، ڏٻر تن پرجاءِ،
همير جس ماتاءَ، چارڻ چوندو ايترو.

سمنگ چارڻ جي دور ۽ واقعن بابت لکيل ڳاهن ۾ تاريخي تضاد نظر اچن ٿا. سڀ کان وڏو تضاد اهو آهي ته چارڻ کي لاکي ڦلاڻيءَ جي دور جو ٻڌايو وڃي ٿو ۽ ان دور ۾سومرن جي حڪمران طور همير سومري جو نالو اچي ٿو. حالانڪ لاکي ڦلاڻيءَ جي وقت ۾ همير حاڪم نه هو، بلڪ همير سومرن جو آخري حاڪم ٿي گذريو، جنهن کي ڄام اڻڙ سمي شڪست ڏني. بهرحال سمنگ چارڻ جي نالي سان منسوب ڪيئي ڳاهون ملن ٿيون، جيڪي سنڌي ادب جو اثاثو آهي.

## پير پٺو / شاهہ حسين اپلاڻي:

شاهہ حسين اپلاڻي عرف پير پٺو، سومرن جي دور جو درويش ۽ شاعر هو. سندس اصل نالو حسن هو ۽ پاڻ 1164ع ۾ پيدا ٿيو، جڏهن تہ سندس وفات 1248ع کان 1268ع جي وچ ۾ ٿي. پير پٺي بابت پروفيسر محرم خان وگهامل لکي ٿو تہ: ”هيءُ ملتان واري غوث بهاوالحق زڪريا (1267ع) جو خليفو هو. نؤرسين ۽ لاڪاٽيا قوم وارن گڏجي، غوث جو پيارو مريد شيخ جيئُ، شهيد ڪري وڌو پير پٺي انهن جي ننڊا ڳائي تہ:

نـورسـيـا نـہ رسـيـا، لـٽـو لـيـڪـو لاڪـاٽـيـن،
مـدي رکـي مـن ۾، جـيـئـو ڪُـٺـو جـن،
بُـجـو بـهـاؤالـديـن جـو، تـوڙئـون لڳـو تـن.

هيئينءَ ڳاهہ ۾ ديبل تي وير چڙهڻ ۽ ماڻهن جو مڪليءَ مٿان پڪڙجڻ وارو واقعو ڳايو اٿس:

ديـبـل پـاس ڏڪـيـلـجـي، ’آيـو آب اپـار‘
مـڪـلـيءَ مـاڳ مـٿـاهـيـنءَ، ٿـيـاسـون ڏاروڏار. (21)

## سيد بدرالدين رضوي:

سيد بدرالدين رضوي جو نالو پڻ سومرن جي دور جي عالم ۽ شاعر طور ملي ٿو. جيتوڻيڪ سندس شاعريءَ منجهان صرف هڪڙو بيت ميسر آهي، پر محققن جو خيال آهي تہ هو سومرن جي دور جو سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب لکي ٿو تہ: ”سيد بدرالدين سومرن جي دور ۾ ستين صدي هجري ۾ ٿي گذريو. هو سيد مڪي (وفات 644هہ) جو وڏو پٽ ۽ سيد صدرالدين (600-669هہ) جو وڏو پاءُ هو. سيد قمبر علي شاهہ رضوي سن 1261هہ/1845ع ۾ رضوي ساداتن جو شجرو ’شجره سادات‘ جي عنوان سان لکيو، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس تہ ڪنهن موقعي تي سيد بدرالدين هيئيون بيت پڙهيو:

ڪـتـيـن يـا هـارائـيـن، مـريـن تـہ وڃـي وا
پنـهـي مـنـجـهـون هـڪـڙي چڱـي نـہ ٿـئـي ڪـا. (22)

سيد بدرالدين رضويءَ جو والد سيد محمد مڪي، بکر جي وڏن بزرگن ۽ عالمن منجهان هو. ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائيءَ نزهتہ الخواطر جي حوالي سان ڄاڻايو آهي تہ بدرالدين، سيد محمد مڪيءَ جو ٻيو نمبر پٽ هو، جيڪو 25 شعبان 630هہ مطابق 6 مئي 1233ع تي ڄائو ۽ 680هہ/1281ع ۾ وفات ڪيائين. سندس ڄمڻ ۽ وفات ڪرڻ جو سن سومرن جي دور حڪومت ۾ اچي ٿو. ان حساب سان چئي سگهجي ٿو تہ سيد بدرالدين رضوي، سومرن جي دور سان تعلق رکندڙ سادات هو، جنهن شاعريءَ تي پڻ طبع آزمائي ڪئي.

## مائي مرڪان شيخڻ:

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ مائي مرڪان شيخڻ جو نالو سڀ کان پهرين عورت شاعره طور اچي ٿو. مرڪان شيخڻ سومرن جي دور سان تعلق رکندڙ شاعره هئي، جنهن گيت ۽ ڳيچ جي صنف تي طبع آزمائي ڪري ادبي تاريخ ۾ پنهنجو منفرد مقام حاصل ڪيو. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ گيت ۽ لاڏا ان کان اڳ وارن دورن ۾ به چيا ويندا هئا، پر مرڪان شيخڻ کان اڳ وارن دورن ۾ گيت جو ڪو باقاعده شاعر نٿو ملي ۽ گيت جي فني ۽ فڪري اوسر جا اهڃاڻ سڀ کان پهريان مرڪان شيخڻ وٽان ملن ٿا. اهوئي سبب آهي جو ادبي تاريخ جي لکندڙن، ڪيس سنڌي شاعري خاص طور گيت جي اولين شاعره طور پيش ڪيو آهي. مائي مرڪان پنهنجي مرشد ڦرهيي پانڌاريءَ جي ساراهه ۾ گيت لکيا.روايتن موجب مرڪان شيخڻ جو جنم ڳوٺ ڪرهيو پانڌاريءَ ۾ ٿيو، جيڪو بدين کان 42 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي ساحلي علائقي ۾ آهي. ڪجهه محققن جو ان ڳالهه تي اختلاف آهي ڇاڪاڻ ته ان سڄي ساحلي پٽيءَ جي علائقي ۾ ٻيا به ڪيئي ڳوٺ آهن، جن ۾ بزرگ ڪرهيو پانڌاريءَ جا ڪيئي عقيدتمند رهن ٿا. بهرحال اها ڳالهه طئي آهي ته مرڪان شيخڻ لاڙ جي علائقي سان تعلق رکندي هئي. مرڪان شيخڻ ۽ سندس ڪلام ڪي لاڙ جي محقق محمد سومار شيخ 'مرڪان جا لاڏا' جي نالي سان ڪتابڙو لکي نروار ڪيو، جيڪو سن 1971ع ۾ شايع ٿيو. محمد سومار شيخ موجب جنهن ڳوٺ ۾ مرڪان رهندي هئي، تنهن جو آڳاٽو نالو 'مرڪان جو ڳوٺ' هو، پر ان زماني ۾ نٽي جو مشهور بزرگ ڪرهيو پانڌاري جڏهن ان ڳوٺ ۾ اچي رهيو ته ڳوٺ جو نالو سندس نالي پٺيان سڏجڻ لڳو. مرڪان سميت ڪيترا ماڻهو سندس مريد ٿيا. مرڪان جيڪي گيت لکيا، سي اڪثر سندس مرشد ڪرهيي پانڌاريءَ جي ساراهه ۾ لکيا. مرڪان جي قبر، سندس مرشد جي قبر پرسان، درگاهه ڪرهيو پانڌاري جي قبرستان ۾ آهي.

مرڪان شيخڻ پنهنجي مرشد جي عقيدت ۾ شاعريءَ وسيلي جيڪي گل چٽيا، سي بيحد سادي ٻولي ۽ سادن خيالن سان پرپيل آهن. جيتوڻيڪ هوءَ ڪل وقتي ۽ ماهر شاعره نه هئي، پر خلوص ۽ سڪ ۾ چيل سندس گيت سنڌي ادبي تاريخ جو املهه اثاثو آهن، جن سبب سندس نالو ادبي تاريخ ۾ هميشه لاءِ درج ٿي ويو آهي. مرڪان جا گيت مختلف سٽائن ۾ چيل آهن. هتي مثال طور سندس مشهور گيتن جا ڪجهه نمونا پيش ڪجن ٿا.

دهل گهرايم سهڻا مور چيندور،
مرشد جي ملي تي رهاڻ
ڪرهيل جي جملي تي رهاڻ
جيئن پير، لوڏون ڪنديون سنڌ ۾.

***

شرنايون گهرايم سهٽيون، مورچنيدور
مرشد جي ملي تي رهاڻ
ڪرهيل جي جملي تي رهاڻ
جيئن پير، لوڏون ڪنديون سنڌ ۾.

***

هي ڪانديرو ڙي لس
هي واسڙي وس
آءُ ڪلندي ڪڏندي اچان
ڪرهل ڏئم سک يار ۾
آئون ڪلندي ڪڏندي اچان
پانداري ڏئم سک يار ۾
آئون ڪلندي ڪڏندي اچان
هي واسڙي جي وس
هي ڪانديرڙي لس.

مرڪان شيخڻ پاران سندس مرشد ڪي شاعريءَ ذريعي ڏنل پيغام مان خبر پوي ٿي ته ان وقت گيت ۽ ڳيچ شاعريءَ جو سگهارو ۽ موثر نمونو هو. ڊاڪٽر ادل سومري پنهنجي ڪتاب ’اسين مسافر پيار جا‘ ۾ مرڪان شيخڻ جي گيتن ڪي گنان جهڙو سڏيو آهي. غور ڪيو وڃي ته اها ڳالهه وزنائتي آهي، ڇاڪاڻ ته جيئن گنانن ۾ مذهبي پرچار ۽ اسماعيلي پيرن جي ساراهه ڪيل آهي، تيئن ئي مرڪان جا گيت پڻ سندس مرشد جي تعريف جا موضوع پيش ڪن ٿا. فرق اهو آهي ته اسماعيلي مبلغن جا لکيل گنان پيرائتي ۽ علمي طريقي سان لکيل آهن، جڏهن ته مرڪان جا لکيل گيت عوامي ۽ سادي ٻولي ۾ انداز ۾ لکيل آهن، جن ۾ اهڙا لفظ ڪتب آندل آهن جيڪي سندس ڪلام ڪي لاڏن ۽ سهرن وارو رنگ ڏين ٿا. مرڪان جي گيتن ۾ سادگي ۽ عواميت آهي، پر اهي اثر انگيز آهن ۽ اهي ڳائڻ جي صورت ۾ محفوظ رهيا ۽ هڪ دور کان ٻئي دور تائين منتقل ٿيندا رهيا.

## پير صدرالدين:

پير صدرالدين سومرن جي آخري دور ۾ اسماعيلي عقيدي جو پرچار ڪندڙ صوفي درويش ۽ شاعر هو. ڪن روايتن موجب پير صدرالدين اصل ۾ هندو لوهاڻو هو ۽ سندس اصل نالو هريش چندر هو. ٻين روايتن ۾ ڪيس پير شمس الدين سبزواريءَ جو پڙ پوٽو ڄاڻايو ويو آهي. هو اسماعيلي عقيدي جو داعي هو ۽ سومرن جي دور ۾ نون

مسلمان ٿيندڙ ماڻهن جي رهنمائي ۽ تربيت لاءِ هن گنان جا شعر لکيا. سندس هڪ وڏو ڪارنامو اهو پڻ آهي تہ هن لوهاڻڪي رسم الخط ۾ تبديلي آڻي، ان کي ’چاليهہ اکري‘ يا ’خواجڪي‘ رسم الخط جو روپ ڏنو.

انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ پير صدرالدين بابت لکيل آهي تہ: ”پير صاحب علم ادب جو وڏو سرمايو ڇڏيو، جنهن جو ڪجهہ تفصيل هن ريت آهي: (1) ٻوجهہ نرنجن (خدا جي ڄاڻ ۽ ان سان واقفيت ): هن ڪتاب ۾ الاهي جوت جي ڳولا ڪرڻ وارن لاءِ واٽن ۽ معنائن جو ذڪر آهي، جنهن ۾ اسلامي تصوف ۽ هندي تصوف جي اصطلاحن کي ڪم آندو ويو آهي. گنانن جو هي مجموعو تصوف ۽ معرفت جي موضوع تي آهي. (2) آراڌ (پوڄا يا عبادت ): هيءَ مسودو نثر ۾ آهي. شروع ۾ حمد باري تعاليٰ آهي، ان کان پوءِ حضرت علي عليہ السلام جي شان مدح ڏنل آهي. (3) ونود (سچي راحت يا خوشي ): هن ڪتابڙي ۾ 22 گنان آهن، جن ۾ خدا جي ثنا ۽ حضرت علي عليہ السلام جو شان ۾ بيان ڪيل آهي. (4) اٿرويد: هندن جي چئن ويدن مان آخري ’اٿر ويد‘ جي هڪ سمجهاڻي بيان ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ خاص طور نڪلنڪ جي رسم بہ آهي. هي نثر ۾ يارهن پانن تي مشتمل آهي. (5) گر پاولي ننڍي (ڳجهہ ): هي ڪتاب دنيا ۽ ان جي موجودات بابت سوالن جوابن ۾، نثر ۾ آهي. ان ۾ ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار جي افزائش بابت بيان آهي. (6) صورت سماچار (صورت بابت ڄاڻ يا سمجهاڻي ): هي ڪتاب نثر ۾ آهي. (7) گنان: سندن 250 کان وڌيڪ گنان ملن ٿا، جيڪي اخلاق، نيڪي، بندگي، مذهبي حقن جي پوئواريءَ ۽ مذهبي وارتائن تي مشتمل آهن. سندس گنانن ۾ سولائيءَ خاطر سنڌي، هندي، سنسڪرت، سرائڪي، پنجابي ۽ گجراتي ٻولين جي آميزش ڪئي وئي آهي.“ (23)

پير صدرالدين جي چيل گنانن ۾ گهڻو ڪري نصيحت ۽ هدايت جا نقطا سمجهايل آهن. سندس هڪ گنان ۾ هو پنهنجي پوئلڳن ۽ مريدن کي هن ريت نصيحت ڪري ٿو:

ڪيڙيون اڏائين گڊ ماڙيون، تين تي ڪيڙا رکائين چِٽ،
نيهي نيندءِ ڏوڙ ۾، توتي لتون ڏيندا مٽ،
سڻ وڻجارا هو يار! من هروئڙو تو جهولي.

## هان فقير:

سومرا دور سان تعلق رکندڙ شاعرن ۾ هڪڙو نالو هان فقير جو پڻ آهي، جيڪو اتر سنڌ جو شاعر هو. هان فقير بابت رحميداد خان مولائي شيدائيءَ پنهنجي ڪتاب ’تاريخ سکر‘ ۾ لکيو تہ هي شاعر شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري کان اڳ جي دور جو شاعر هو. جيتوڻيڪ هن شاعر بابت تاريخ جي ڪتابن ۾ گهڻو مواد نٿو ملي،

پر ادبي تاريخ جا ماهر هن کي سومرن جي دور سان منسوب ڪن ٿا. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته: ”ڳوٺ ماڙي، تعلقي لکي، ضلعي شڪارپور جو ويٺل هو. غالباً سومرن جي دور جو هو. ’جيها‘ قوم جا ماڻهو سندس فصل ڀيلائي ويندا هئا. آخر تنگ ٿي چيائين:

جي جيها آهن جوءِ ۾ ته هر دن هڙو حال،
يا جيها وڃن جوءِ مان، يا مرين مال. (24)

## پرپور شاهه:

هان فقير جيان، ادبي تاريخدانن جو خيال آهي ته پرپور شاهه پڻ سومرن جي دور جو شاعر هو. سندس تذڪرو رحمداد خان مولائي شيدائيءَ پنهنجي ڪتاب ’تاريخ سنڌ‘ ۽ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالجميد سنڌيءَ ’تذڪره شعراء سکر‘ ۾ ڏنو آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد پرپور شاهه بابت سندس ڪتاب ’بيت‘ ۾ لکي ٿو ته: ”هي بزرگ به ڳوٺ ماڙي جو رهاڪو هو، ۽ غالباً سومرن جي دور جو هو. ڪيس ڳوٺ ماڙي جي زميندار ’ٽنبڻ مل‘ ۽ سندس صلاحڪارن چندو، اٽل ۽ جئنداٽي قوم جي ماڻهن تڪليف ڏني هئي. انهيءَ ڪري چيائين:

چندو چورن ماريو، اٽل ماريو اڄ،
ويا جيئندا ٽي جوءِ مان، ٽنبو ٽيڙو سڄ. (25)

هان فقير ۽ پرپور شاهه جي شاعريءَ تي غور ڪجي ته هڪجهڙائي معلوم ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ محقق انهي ٻنهي کي الڳ الڳ شاعر طور پيش ڪيو آهي، پر شاعريءَ جي اسلوب مان لڳي ٿو ته مٿي پيش ڪيل ٻئي شعر ڪنهن هڪڙي شاعر جا آهن. ممڪن آهي ته هان فقير ۽ پرپور شاهه ڪو هڪڙو ئي شخص هجي يا وري جيڪڏهن اهي ٻه الڳ شخص هئا ته منجهائن شاعر ڪو هڪڙو هجي، جيڪي مٿين بيتن جي رچنا ڪئي.

**حوالا:**


1. ميمڻ، الحاج محمد صديق، خانبهادر، ”سنڌ جي ادبي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو، چوٿون ايڊيشن 2000ع، ص: 16
2. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ‘، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ٽيون ايڊيشن، 1990ع، ص: 147
3. سومرو، مهر عبدالحق، ڊاڪٽر، ’سومرا راڄ گهراڻو‘، سنڌيڪار: عمر سومرو، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2010ع، ص: 255

4. هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، ”سنڌي شاعريءَ جون صنفون“ (مقالو)، قومي ادبي ڪانفرنس- سومرا دور، مرتب: پروفيسر ڊاڪٽر خورشيد عباسي، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، 2007ع، ص: 159
5. سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد، ڊاڪٽر، ’سنڌي ادب جي تاريخ‘، ڪانياواڙ اسٽور لاڙڪاڻو، ڇاپو اول، 1993ع، ص: 221
6. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”سومرن جو دور“ (دودي-چنيسر جي ڳاله ۽ ٻئي روايتي ذخيري جي روشني ۾)، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ڇاپو ٻيو، 2006ع، ص: 77-276
7. سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد، ڊاڪٽر، ’بيت (سٽا ۽ اوسر)‘، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2002ع، ص: 59
8. ساڳيو، ص: 9
9. محرم خان، ”قديم سنڌي شعر ۽ شاعري-تاريخي جائزو“ (مقالو)، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 3-4/1966ع، ص: 134
10. جتوئي، عبدالوحيد، ’سنڌي شاعري - فن کان فڪر تائين‘، رچنا اشاعت گهر ماتلي، 1998ع، ص: 46
11. ساڳيو
12. ساڳيو
13. هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، ’سنڌي شاعريءَ جون صنفون‘ (مقالو)، قومي ادبي ڪانفرنس- سومرا دور، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، 2007ع، ص: 166
14. خواجه، نور افروز، ڊاڪٽر، ’پائي پٽ ڪٽا‘، گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد، 2005ع، ص: 48
15. جتوئي، عبدالوحيد، ’سنڌي شاعري - فن کان فڪر تائين‘، رچنا اشاعت گهر ماتلي، 1998ع، ص: 51-50
16. خواجه، نور افروز، ڊاڪٽر، ’پائي پٽ ڪٽا‘، گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد، 2005ع، ص: 50
17. جتوئي، عبدالوحيد، ’سنڌي شاعري - فن کان فڪر تائين‘، رچنا اشاعت گهر ماتلي، 1998ع، ص: 52-51
18. Encyclopedia Sindhiana online, www.encyclopediasindhiana.org
19. شيخ، محمد سومار، ’ڪچين جا قول‘، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ايڊيشن ٽيون، 2007ع
20. سنڌي، دادا، ’سنڌ جا عوامي ڪردار‘، سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد، 1996ع، ص: 14
21. وگهامل، محرم خان، پروفيسر، ’سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري‘، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2007
22. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ‘، پاڪستان اسٽيڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ٽيون ايڊيشن، 1990ع، ص: 152
23. Encyclopedia Sindhiana online, www.encyclopediasindhiana.org
24. سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد، ڊاڪٽر، ’بيت-سٽا ۽ اوسر‘، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2002ع، ص: 106
25. ساڳيو